# غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه

# جو خاندان

13-December-2018



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# غوث پاڪ جو خاندان

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ **(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

حُضورِ انور،شافِعِ محشر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ نُور بار آهي: زَيِّنُوْا مَجَالِسَكُمْ بِالصَّلَاةِ عَلَيَّ فَاِنَّ صَلَاتَكُمْ عَلَيَّ نُوْرٌ لَّكُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ يعني توهان پنهنجي مجلسن کي مون تي دُرُودِپاڪ پڙهي سينگاريو، جوتہ توهان جو مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهڻ بروزِ قيامت توهان جي لاءِ نُور ٿيندو. (جامع صغير،حرف الزاء، ص۲۸۰، حديث : ۴۵۸۰)

ذِکر و دُرُود ہر گھڑی وِردِ زَباں رہے میری فُضُول گوئی کی عادَت نکال دو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني

مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.
(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! اڄ جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ اسان ”سرڪارِ بغداد، حُضُورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خاندان“ جي شان ۽ عظمت مثال طور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي والدين رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمَا (يعني پيءُ ۽ امڙ، (Parents جي تقويٰ، سندن نانا جان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جا احوال، سندن ڦڦي جان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جي ڪرامت ۽ ان کان علاوه ڪيئي معلوماتي مَدَني گل ٻڌنداسين. الله ڪري ته اسان سڄو بيان توجهه ۽ دِلجمعي سان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون.

منا منا اسلامي ڀائرو! سرڪارِ بغداد، حُضُورغوثِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه نهايت عاليشان گهراڻي ۾ پيدا ٿيا، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو خاندان زُهد ۽ تَقويٰ جي ڪري گهڻو مشهور هو. سندن والده جو نالو ”فاطمہ بنتِ شيخ عبدُالله صَومَعِي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمَا“ هو، والده رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جي ڪُنيت ”اُمُّ الخَير“ جڏهن ته لقب ”اَمَةُ الجَبَّار“

هو. (سيرتِ غوث اعظم،ص۲۷ملخصاً) غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي والد صاحب جو نالو مبارڪ ”سيد موسيٰ“ ڪُنيت ”ابُوصالح “جڏهن تہ لقب ”جنگي دوست“ آهي. حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه والد جي نِسبَت سان حَسَني (۽ والده ماجِده جي طرفان حُسيني سَيّد) آهن. سندن والد سڳورا حضرت سَيِدُنا ابُوصالح مُوسيٰ جنگي دوست رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي وَقت جي مشهور ولين سڳورن مان هئا. (غوثِ پاڪ ڪے حالات،ص۱۶،۱۵ ملخصاً)

اَميرِاَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه خاندانِ غوثِ پاڪ جي شان ۽ عظمت بيان ڪندي لکن ٿا:

مُکَرَّم شہا تیرے سارے کے سارے ہیں آباء و اَجداد یا غوثِ اعظم

اچو! سڀ کان پهريان غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي والدين جي تقويٰ ۽ پرهيزگاري بابت هڪ دلچسپ ۽ ايمان افروز واقعو ٻڌون ٿا ۽ هن مان حاصل ٿيڻ وارن مدني گلن کي چونڊي پنهنجي دل جي مدني گلدستي ۾ سجائڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.

## غوثِ پاڪ جي والدين جي تقويٰ

منقول آهي تہ حضرت سَيِدُنا ابُوصالح مُوسيٰ جنگي دوست رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه دريا جي ڪناري وينل هئا تہ هڪ صوف (Apple) ترندو پيئي آيو، پاڻ ان کي کڻي کائي ورتائون. صوف کائڻ کان پوءِ سندن تي خوفِ خدا جو غلبو ٿيو ۽ پاڻ هن طرح فڪرِ مدينہ (يعني پنهنجو محاسبو) ڪرڻ لڳا تہ خبر ناهي اهو صوف ڪنهن جو هو؟ ۽ چا هن طرح نامعلوم صوف کائڻ مون لاءِ حلال ٿي سگهي ٿو؟ اهو خيال پيدا ٿيندي ئي پاڻ پنهنجو قصور مُعاف ڪرائڻ جي لاءِ صوف جي مالڪ جي ڳولا ۾ دريا جي ڪناري ڪناري هلڻ لڳا. ڪافي سفر ڪرڻ کان پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي دريا جي ويجهو هڪ نهايت عظيمُ الشّان عمارت نظر آئي، جنهن ۾ صوف جو هڪ تمام وڏو وڻ لڳل هو، جنهن جي ٽارين تي پڪل صوف لڳل هئا ۽ صوفن سان ڀريل اهي ٽاريون پاڻي جي مٿان لٽڪي رهيون هيون. حضرت سَيِدُنا ابُوصالح مُوسيٰ جنگي دوست رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي يقين

ٿي ويو تہ جيڪو صوف مون کاڌو هو، اهو هن وڻ جو ئي آهي، تہ پوءِ پاڻ رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه ماڻهن کان ان وڻ جي مالڪ جي باري ۾ پڇيائون تہ خبر پئي تہ هن باغ جا مالڪ تہ پنهنجي زماني جا مشهور عابد ۽ زاهد حضرت سَيدُنا عَبدُاللهِ صَومَعِي رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه آهن.

## غوثِ پاڪ جي نانا جان جو تعارف

ياد رهي! حضرت سَيدُنا عَبدُاللهِ صَومَعِي رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جِيلان شريف جي بزرگن مان هئا ۽ نهايت مُتَّقِي، پرهيزگار ۽ باڪمال الله جا وَلِي هئا،

## سيدنا عَبدُاللهِ صومعي جو مقام ۽ رتبو

حضرت علامہ شيخ ابومحمد اَلدَّارباني رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا: حضرت عَبدُاللهِ صَومَعِي رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جون دعائون تمام جلد قبول ٿي وينديون هيون. سندن مقام ۽ مرتبو بارگاهِ الٰهي ۾ ايترو بلند ۽ اعلٰي هو جو جيڪڏهن پاڻ ڪنهن شخص کان (ڪنهن شرعي سبب جي ڪري ڪڏهن) ناراض ٿي ويندا هئا تہ الله ڪريم ان شخص کان بدلو وٺندو هو ۽ جنهن سان پاڻ رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه خوش ٿي ويندا هئا تہ الله پاڪ ان کي انعام ۽ اڪرام سان نوازيندو هو. سندس جذبو جوانن کان وڌيڪ پُرجوش هو، جسماني ڪمزوري جي باوجود بہ پاڻ رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه ڪثرت سان نفل ادا ڪندا ۽ ذڪرو اَذڪار ۾ مشغول رهندا هئا. الله پاڪ جي عطا سان حضرت عَبدُاللهِ صَومَعِي رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه، نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان اڪثر غيب جون خبرون ٻڌائيندا هئا ۽ جيئن سندن فرمائيندا هئا حقيقت ۾ بہ ائين ئي ٿي ويندو هو، بيشڪ اها سندن جي هڪ شاندار ڪرامت هئي. (بهجة الاسرار،ذکر نسبه وصفته،ص۱۷۲ملخصاً)

بهرحال جڏهن حضرت سَيدُنا ابُوصالح مُوسيٰ جنگي دوست رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه کي باغ جي مالڪ حضرت سَيدُنا عبداللهِ صومعي رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي باري ۾ معلوم ٿيو تہ پاڻ رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه بنا ڪنهن دير جي سندن خِدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيا ۽ سڄو احوال ٻڌائڻ کان بعد انهن کان مُعافي گهريائون. حضرت عبدُاللهِ

صومعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جيئن تہ ولايت جي اعليٰ مرتبي تي فائز هئا، تنهنڪري پاڻ سمجهي ويا تہ هي شخص الله ڪريم جي مقبول ٻانهن مان هڪ ٻانهو آهي، تڏهن تہ پنهنجو قصور معاف ڪرائڻ جي لاءِ ايترو ڏگهو سفر ڪري هتي آيو آهي. پوءِ حضرت سَيِدُنا عبدالله صومعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه انهن جي ڳالهہ ٻڌي فرمايائون: ٻارهن (12) سال اسان جي خدمت ۾ رهندؤ، تہ پوءِ معافي ملندي، قربان ٿجي! حضرت سَيِدُنا ابُو صالح مُوسيٰ جنگي دوست رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه تي جن بنا ڪنهن بحث ۽ تڪرار جي، هن شرط کي خُوشي سان منظور ڪري ورتو توڙي جو شرعي طور اهڙي طرح قصور مُعاف ڪرائڻ لازم نہ هو ۽ ٻارهن (12)سالن تائين پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي صحبتِ بابرڪت ۾ رهي انهن جي خدمت ڪندا رهيا. جڏهن 12 سال پورا ٿي ويا تہ اڳيون امتحان (Next trial) سندن استقبال ڪرڻ جي لاءِ تيار هو ۽ هن پيري امتحان شايد پوئين امتحان کان عجيب ۽ سخت هو، اهو هي تہ ولي ڪامل حضرت سَيِدُنا عَبدُالله صومعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه حضرت سَيِدُنا ابُو صالح مُوسيٰ جنگي دوست رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه کي فرمايو: هڪ خِدمت ٻي بہ آهي ۽ اها هي تہ منهنجي هڪ نياڻي آهي، جنهن ۾ چار (4) عيب آهن، (1) اکين کان انڌي آهي، (2) ڪنن کان ٻوڙي آهي، (3) هٿن کان معذور آهي ۽ (4) پيرن کان(اپاهج) آهي، توکي ان سان نڪاح بہ ڪرڻو پوندو ۽ ٻن (2) سالن تائين اجان وڌيڪ منهنجي خدمت بہ ڪرڻي پوندي، ان کان پوءِ جتي تنهنجي دل ڪري هليو وڃجانءِ.

حضرت سَيِدُنا ابُو صالح مُوسيٰ جنگي دوست رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جيئن تہ اسلامي تعليمات کان آگاهہ، خوفِ خدا جا پيڪر ۽ مدني سوچ رکڻ وارا هئا، تنهنڪري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه هن شرط کي بہ قَبول ڪري ورتو. هاڻي سندن جو ٻيو امتحان بہ شروع ٿي ويو، حضرت سَيِدُنا عَبدُالله صومعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه پنهنجي شهزادي جو نڪاح پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه سان ڪري ڇڏيائون، نڪاح کان پوءِ جيئن ئي پنهنجي گهرواريءَ جي سامهون آيا تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه هڪ عجيب ڪشمڪش ۾ مبتلا ٿي ويا چوتہ نگاهن اڳيان جيڪو منظر ڏسڻ اچي رهيو هو اهو ٻڌايل

صورتِ حال جي بلڪل ئي ابتڙ (Opposite) هو، ڇا تہ ڏسن تہ سندن زوجہ محترمہ جا تہ تمام ئي عضوا صحيح ۽ سالم آهن ۽ انهن جي حُسن وجمال اڳيان چوڏهين رات جو چنڊ بہ شرمائي رهيو آهي. اهو منظر ڏسي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي نئين ڪنوار جي ويجهو تائين نہ ويا بلڪ اتان ئي واپس موٽي آيا ۽ حضرت سَيِدُنا عَبدُالله صومعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سان معاملو اچي عرض ڪيائون. انهن فرمايو: پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي! توهان جي گهرواري اها ئي آهي جنهن ڪي توهان هاڻي ڏسي اچو پيا، ڳالهہ اصل ۾ هي آهي تہ مون پنهنجي نياڻيءَ جون جيڪي جيڪي ڳالهيون توهان سان بيان ڪيون هيون اهي سڀ جون سڀ ان ۾ موجود آهن، ”اها اکين کان انڌي آهي“ هن مان منهنجي مراد اها هئي تہ ”نامَحرم جي لاءِ ان جون اکيون انڌيون آهن“، ”ڪنن کان ٻوڙي آهي“ هن مان منهنجي مراد اها هئي تہ ”ناحق ڳالهہ ٻڌڻ جي لاءِ ان جا ڪن ٻوڙا آهن“ ، ”هٿن کان معذور آهي“ هن مان منهنجي مراد اها هئي تہ ”غير مردن جي لاءِ هن جا هٿ معذور آهن“ ۽ ”پيرن کان معذور آهي“ هن مان منهنجي مراد اها هئي تہ ”پنهنجي مڙس جي حڪم جي خلاف قدم کڻڻ جي لاءِ ان جا پير ناهن“. جڏهن حضرت سَيِدُنا ابُو صالح مُوسيٰ جنگي دوست رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه حضرت سَيِدُنا عبدالله صومعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي زباني پنهنجي نئين ڪنوار بابت وضاحت ٻڌي تہ سندن دل کي قرار اچي ويو، پڻ دل ۾ پنهنجي زال جي اهميت اُجاگر ٿي وئي ۽ الله پاڪ جي فضل وڪرم سان سندن کي پنهنجي زماني جي زبردست وَلِي الله جي نهايت ئي بهترين خوبين سان آراستہ خوبصورت ۽ خوب سيرت ڏيءَ جو مڙس ٿيڻ جو شرف نصيب ٿيو. (سيرتِ غوثِ اعظم ، ص۲۶ملخصاً)

شہا! کاش قُفلِ مدینہ لگا لوں زباں پر بھی اور آنکھ پر غوثِ اعظم
شہا نفسِ اَمّارہ مغلوب ہو اب ہو شیطان کا دُور شَر غوثِ اعظم
تمہیں میرے حالات کی سب خبر ہے پریشاں ہوں میں کس قدر غوثِ اعظم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت مان اسان کي ڪيئي مدني گل حاصل ٿيا، اچو! انهن مدني گلن جي خوشبوءَ سان اسان به پنهنجو حصو وٺڻ جي لاءِ گهٽي ڏيان سان ٻڌون ٿا: (1) الله پاڪ جا نيڪ ٻانها، ٻانهن جي حقن جي معاملي ۾ انتهائي حُسّاس هوندا آهن، الله پاڪ جا نيڪ ٻانها خوفِ خدا وارا هوندا آهن، الله پاڪ جا نيڪ ٻانها فڪرِ آخرت جي نعمت کان مالا مال هوندا آهن، هڪ نامعلوم صوف ڪاڻڻ جي باري ۾ پنهنجو محاسبو ڪرڻ به الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي صفتن ۾ شامل هو، الله پاڪ جا نيڪ ٻانها پنهنجي قصور کي معاف ڪرائڻ خاطر ڪيئي ڪوششون ڪندا آهن.

هاڻي ٿورو اسان به پنهنجو احتساب ڪريون ته ڇا اسان ۾ به اهي خوبيون موجود آهن؟ ڇا اسان به ماڻهن جا حق چڱي طرح ادا ڪريون ٿا؟ ڇا اسان جون دليون به خوفِ خدا سان سرشار آهن؟ ڇا اسان به پنهنجي عملن جو محاسبو ڪريون ٿا؟، ڇا اسان به پنهنجو قصور معاف ڪرائڻ جي لاءِ ڪوششون ڪريون ٿا؟ ،افسوس! اڄڪلهه ته قرض جي نالي تي ماڻهن جا هزارين بلڪ لکين روپيا هڙپ ڪيا ويندا آهن، اڄڪلهه وڏي بي شرمي سان جائيدادن تي قبضا ڪيا ويندا آهن، اسلحي جي زور تي غريب ۽ ڪمزور ماڻهن کان پيسا ۽ موبائل کسيا ويندا آهن، اڄ بي رحم ۽ ظالم ماڻهو پيسن جي لاءِ بد مَست ٿي ننڍن ننڍن ٻارن ۽ ٻارڙين کي اغوا ڪري يا ته ان ويچارن کي جان سان ئي ماري ڇڏيندا آهن يا والدين کان اغوا براءِ تاوان جي نالي تي پيسا وٺي ڇڻ ته پنهنجي لاءِ ڪا وڏي ڪاميابي سمجهن ٿا، حالانڪ اهي ظالم ۽ نادان ماڻهو پنهنجي دُنيا ۽ آخرت کي تباهه وبرباد ڪري رهيا آهن، جي ها! ڪڏهن ته جيئري دُنيا ۾ ئي اهڙا ظالم ماڻهو ٻين جي لاءِ نشانِ عِبرت بڻجي ويندا آهن يا ڪڏهن ڪتي جي موت مارجي ويندا آهن، پر اهو ظلم ۽ زِيادتي جو ڪيترو بُرو نشو لڳل آهي جو هن مان عبرت حاصل نٿا ڪن، ياد رکو! هاڻي ته اهو سڀ آسان (Easy) لڳي رهيو هوندو، پر قِيامت ۾ تمام ڏکيو ٿي ويندو. جيئن اعليٰ حضر ت، امامِ اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نقل

ڪن ٿا: ”جيڪو دُنيا ۾ ڪنهن جا تقريبًا ٽي (3) پيسا دَين (يعني قرض) قبائي ونندو، بروزِ قيامت ان جي بدلي ست سو (700) باجماعت نمازون ڏيڻيون پونديون.“ (فتاويٰ رضويه،۲۵/ ۶۹)

بے سبب اے خدا کردے بخشش حشر میں مجھ سے کرنا نہ پُرسش
نام غفّار مولیٰ ترا ہے یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے

(2) بيو مدني گل اهو مليو تہ پهريان جي عورتن ۾ نامحرمن کان شرعي پردو ڪرڻ جو مدني جذبو تمام گهڻو موجود هو، جيئن تہ سرڪارِ بغداد، حُضورغوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي والده رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جي باري ۾ اسان پڙهو، اهو ئي سبب آهي جو انهن جي نسلن ۾ اولياءِ ڪاملين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم اجمعين پيدا ٿيندا هئا. پر هاءِ! هاڻي تہ هر پاسي بي پردگي ۽ بي حيائي جي آفت پنهنجي وڪڙ ۾ ماڻهن کي قابو ڪري رکيو آهي. طِب، سفر، تعليم، بينڪنگ، صحت، راند، واپار، ميڊيا ۽ ٽيلي ڪام وغيره مختلف شعبن ۾ بي پردگي عام ٿيندي پئي وڃي، دُنياوي شعبن ۾ عوامي رهنمائي ۽ خدمت جو شايد ئي ڪو اهڙو شعبو (Department) هجي جتي بي پرده ۽ ماڊرن عورتون موجود نہ هونديون هجن. اهڙي طرح مڱڻي، شادي، وليمو، عيد، سالگره، عقيقو، ويلنٽائن ڊي، نيو ائير نائٽ، بسنت ۽ جشنِ آزادي جي موقعن تي بہ اڪثر عورتون چادر ۽ چار ديواري جو تقدس پامال ڪري سرِ عام بي حيائي جا تمام ريڪارڊ ٽوڙي ڇڏينديون آهن. جڏهن تہ الله ڪريم عورتن کي پنهنجي گهرن ۾ رڪيو رهڻ جو حڪم ۽ شرعي ضرورت ۽ حاجت جي بغير پنهنجي گهرن مان نڪرڻ کان منع فرمايو آهي، جيئن

سپاري 22 سُورَةُ الاَحزاب آيت نمبر 33 ۾ فرمايو ويو:

وَ قَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَ لَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى (پ 22 الاحزاب 33)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ پنهنجي گهرن ۾ ٽڪيون رهو ۽ بي پرده نہ رهو اڳوڻي جاهليت جي بي پردگيءَ وانگر.

تفسير صِراطُ الجِنَان جلد 8 صفحي نمبر21 تي هن آيت سڳوري تحت لکيل آهي: يعني جهڙي طرح اڳوڻي زماني ۾ جاهليت واريون عورتون بي پرده رهنديون هيون اهڙي طرح توهان بي پردگي جو مظاهرو نہ ڪريو. اڳوڻي ۽ بعد واري جاهليت جي زماني بابت مفسرن جا مختلف قول آهن، انهن مان هڪ قول اهو آهي تہ اڳوڻي جاهليت مان مراد اسلام کان پهريان جو زمانو آهي، هُن زماني ۾ عورتون آڪڙجي نڪرنديون هيون ۽ پنهنجي زينت ۽ حسن کي ظاهر ڪنديون هيون تہ جيئن غير مرد انهن کي ڏسن، لباس اهڙو پائينديون هيون جن سان جسم جا عضوا چڱي طرح نہ ڍڪجن ۽ پوئين جاهليت مان آخري زمانو مراد آهي جنهن ۾ ماڻهن جا فعل اڳوڻن جي مثل ٿي ويندا. (خازن، الاحزاب، تحت الآية: ۳۳، ۴۹۹/۳، جلالين، الاحزاب، تحت الآية: ۳۳، ص۳۵۴، ملتقطاً)

اچو! گڏجي بارگاهِ اِلٰهي ۾ دُعا ڪريون ٿا:

ديدے پرده بهو بیٹیوں کو ماؤں بہنوں سبھی عورتوں کو
ہم سبھی کو حقیقی حیا کی میرے مولیٰ تُو خیرات دیدے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(3) ٽيون مدني گل اهو مليو تہ جيڪو ماءُ پيءُ متقي ۽ پرهيزگار، عبادت گذار، شرم و حيا جا پيڪر ۽ مدني رنگ ۾ رنگيل هوندا آهن تہ اهي ئي خاصيتون انهن جي اولاد ۾ بہ منتقل ٿي ويندیون آهن ۽ الله پاڪ اهڙن جي نسلن کي بہ سنواري ڇڏيندو آهي، جيئن تہ

حضرت سيدُنا عبدُالله بن عبّاس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُمَا فرمائن ٿا: بيشڪ الله پاڪ انسان جي نيڪو ڪاري مان ان جي اَولاد ۽ اَولاد جي اَولاد جي اِصلاح فرمائيندو آهي، ان جي نسل ۽ ان جي پاڙي وارن ۾ ان جي حفاظت فرمائيندو آهي ۽ اهي سڀ الله پاڪ جي طرفان امان ۾ رهندا آهن. (تفسيردُرِّمَنثور،۴۲۲/۵)

فڪر جي ڳالھ ھي آھي تہ ماءُ پيءُ ئي جيڪڏھن فيشن جا شوقين ھوندا، ماءُ پيءُ ئي فلمون ڊِراما ڏسڻ ۽ گانا باجا ٻڌڻ جا شوقين ھوندا، ماءُ پيءُ ئي بد عملي جو شڪار ھوندا، ماءُ پيءُ ئي ضروري دِيني مسئلن کان ناواقف ھوندا، ماءُ پيءُ ئي سُنّتن کان پاسو ڪندڙ ھوندا، ماءُ پيءُ ئي بي پردگي ۽ بي حيائي ۽ طرح طرح جي باطني بيمارين جا شڪار ھوندا تہ اھڙن جو اولاد گھٽ ئي باعمل ۽ باڪردار ۽ عاشقِ رسول بڻجي سگھي ٿو. تنھنڪري ماءُ پيءُ کي گھرجي تہ سڀ کان پھريان اھي پاڻ کي عِلم ۽ عمل جي زيور سان سينگارين خاص ڪري فرض علم سکن، نمازِ پنجگانہ جو اِھتمام ڪن، تِلاوتِ قرآن کي پنھنجو معمول بڻائن، سُنّتون اپنائن، شرم ۽ حيا جا پيڪر بڻجن ۽ پنھنجي ظاھر ۽ باطن کي اسلامي تعليمات جي مطابق سنوارڻ جي ڪوشش ڪن تہ جيئن اھي پنھنجي اَولاد جي صحيح طريقي سان مدني تربيت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگھن.

ياد رکو! اَولاد جي درست اسلامي طريقي سان مدني تربيت ڪرڻ، والدين جي اھم ترين ذميدارين ۾ شامل آھي، جيئن سيپاري 28 سورۃُ التَّحرِيم جي ڇھين آيت سڳوري ۾ ارشادِخداوندي آھي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا قُوۡۤا اَنۡفُسَكُمۡ وَ اَهۡلِيۡكُمۡ نَارًا وَّقُوۡدُهَا النَّاسُ وَالۡحِجَارَةُ ﴿۶﴾

(ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ! پنھنجي پاڻ کي ۽ پنھنجي گھر وارن کي ان باھ کان بچايو جنھن جو بارڻ ماڻھو ۽ پٿر آھن)

(پ۲۸،التحريم:۶)

تفسير صِراطُ الجِنان ۾ آھي: ھن آيت مان معلوم ٿيو تہ جتي مسلمان تي پنھنجي اِصلاح ڪرڻ ضروري آھي، اتي گھروارن جي اسلامي تعليم ۽ تربيت ڪرڻ بہ ان تي لازم آھي، تنھنڪري ھر مسلمان کي گھرجي تہ اھو پنھنجي زال ٻارن ۽ گھر ۾ جيڪي فرد ان جي ماتحت آھن، انھن سڀني کي اسلامي احڪامن جي تعليم ڏي يا ڏياري، اھڙي طرح اسلامي تعليم جي ڇانوَ ۾ انھن جي

تربيت ڪري تہ جيئن اهي بہ جهنم جي باهہ کان محفوظ رهن. (تفسير صراط الجنان، ۱۰/۲۲۱)
الله ڪريم تمام والدين کي پنهنجي ۽ پنهنجي اولاد جي درست اسلامي طريقي جي مطابق مدني تربيت ڪري پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي اولاد کي جهنم جي باهہ کان بچائڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

رہے شاد و آباد میرا گھرانہ کرم از پئے مُصْطَفٰے غوثِ اعظم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ اصلاحِ اُمّت ۽ اُمّتِ مُصطفٰي جي خير خواهي جو بهترين ذريعو آهي، هي اهو عظيمُ الشّان ڪم آهي، جنهن کي تمام ئي انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام ۽ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين بهترين انداز ۾ سرانجام ڏنو.

اَلْحَمْدُلِلّٰه سرڪارِ بغداد، حضورغوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جا والدِ گرامي حضرت سَيِّدُنا موسيٰ جنگي دوست رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بہ الله پاڪ جا مقبول ولي هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو سينو بہ اِصلاحِ اُمّت ۽ اُمت جي خير خواهي جي مقدس جذبي سان ڀريل هو، تنهنڪري پاڻ نبين ۽ ولين جي نقشِ قدم تي هلندي نيڪي جي دعوت جي هن عظيم فريضي کي چڱي طرح سرانجام ڏنائون. اچو! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي انداز تي مشتمل هڪ دلنشين واقعو ٻڌون ٿا،

## شراب جا مٽ ٽوڙي ڇڏيا

حضرت سَيِّدُنا ابُوصالح مُوسيٰ جنگي دوست رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ ڏينهن جامع مسجد ڏانهن وڃي رهيا هئا، ڏٺائون تہ وقت جي بادشاهہ جا ڪجهہ مُلازِم شَراب جا مَٽ مٿي تي کڻي بادشاهہ جي محل ڏانهن وڃي رهيا هئا. جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اهو منظر ڏٺائون تہ بُرائي کان روڪڻ جي مُقدَّس جذبي سان سرشار ٿي اٿي وڌيا ۽ انهن مٽن کي ٽوڙي ڇڏيائون. سندن رُعب ۽ دٻدٻي، جَلال ۽

بزرگي کي ڏسي ڪنهن بہ مُلازِم کي ڪجهہ چوڻ جي همّت نہ ٿي پر انهن ويندي ئي بادشاهہ اڳيان سمورو واقِعو بيان ڪري ڇڏيو. بادشاهہ چيو: سيد موسيٰ (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه) کي هڪدم منهنجي دربار (Court) ۾ پيش ڪريو!. پوءِ حضرت سيد مُوسيٰ جنگي دوست رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه دربار ۾ تشريف فرما ٿيا تہ بادشاهہ وڏي ڪاوڙ مان پڇيائين: منهنجن مُلازمن جي محنت کي ضائع ڪرڻ وارا اوهان ڪير ٿيندا آهيو؟ حضرت سيد موسيٰ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايائون: مان مُحتَسِب (يعني نگراني ڪرڻ وارو) آهيان ۽ مون پنهنجو فرض اَدا ڪيو آهي. بادشاهہ چيائين: اوهان ڪنهن جي حڪم سان مُحتَسِب (يعني نگراني ڪرڻ وارا) مُقَرَّر ڪيا ويا آهيو؟ حضرت سَيد مُوسيٰ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه رُعب دار لهجي ۾ جواب ڏنو: جنهن جي حڪم سان توهان حڪومت ڪري رهيا آهيو. سندن جي ان ارشاد سان بادشاهہ تي اهڙي رِقّت طاري ٿي جو هو گوڏن تي مٿو رکي ويهي رهيو ۽ ڪجهہ دير کان پوءِ مٿو کڻي عَرض ڪيائين: حُضُور! مَٽن کي ٽوڙڻ ۾ ڪهڙي حڪمت هئي؟

حضرت سيد ابُوصالح مُوسيٰ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اِرشاد فرمايو: توهان جي حال تي شفقت ڪندي ۽ توهان کي دُنيا ۽ آخرت جي رُسوائي ۽ ذِلّت کان بچائڻ خاطر ايئن ڪيم. خليفي تي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ان حڪمت ڀري گفتگو جو گهڻو اثر ٿيو ۽ متاثر ٿي اهو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خِدمتِ اَقدس ۾ عَرض گُذار ٿيو: عاليجاه! اوهان منهنجي طرفان بہ مُحتَسِب (يعني نگراني ڪرڻ) جي منصب تي مامُور آهيو. پاڻ وڏي بي نيازي سان فرمايائون: جڏهن مان الله پاڪ جي طرفان مامُور آهيان تہ پوءِ مون کي مخلوق جي طرفان مامُور ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. انهي ڏينهن کان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه "جنگي دوست" جي لَقَب سان مشهور ٿي ويا. (غوث پاک کے حالات، ص ۱۶ملخصاً)

اچو! شهنشاهہ بغداد، حُضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ناناجان، رحمتِ عالميان، محبوبِ رحمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ فرياد ڪريون ٿا:

مجھے تم یارسولَ اللہ دے دو جذبۂ تبلیغ شہا! دیتا پھروں نیکی کی دعوت یارسولَ اللہ

## شخصيات کي بہ نيڪي جي دعوت ڏيو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت مان معلوم ٿيو! الله وارا مرتبو ۽ منصب رکڻ وارن جي رُعب ۽ دبدبي کان متاثر ناهن ٿيندا، الله وارا وڏي منصب وارن جي چاپلوسي ناهن ڪندا، الله وارا دنياوي عهدن تي فائز ماڻهن کي بُرائي ۾ مُبتَلا ڏسي خاموش نٿا رهي سگهن، الله وارا اُنهن کي بہ نصيحت (Advice) جا مَدَني گل ڏيندا آهن. ڇوتہ دولت مندن جي خُوشامد تہ اهو ڪري جنهن کي دُنيا جي ذليل دَولت جي لالَچ هجي، جڏهن تہ الله وارا تہ قناعت جي قيمتي دولت سان مالا مال هوندا آهن، الله وارن جي نظر دولتمندن جي فاني مال تي نہ بلڪ الله وارن کي رَحمتِ الٰهي تي ڀروسو هوندو آهي.

ياد رهي! مالدارن جي دولت جي سبب انهن جي تعظيم ڪرڻ شرعاً منع آهي، جيئن مَنقُول آهي: جيڪو ڪنهن مالدار جي ان جي مالدار هئڻ سبب آجيان ڪري، ان جو بہ ٽِهائي دِين ويندو رهيو. (ڪشفُ الخِفاء، ۲ / ۲۱۵،رقم: ۲۴۴۲)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جو ڪم صرف نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ آهي، مڃرائڻ اسان جو ڪم نہ آهي.البت جيڪڏهن ڪٿي ڪنهن غَير شرعي ڪم کي روڪڻ جي قُدرت (Power) آهي، تہ ان کي روڪڻ بہ ضروري ٿيندو.

ياد رهي! نيڪي جي دعوت جا ڪجھ درجا آهن. هنن درجن جي ڪجھ تفصيل ٻڌون ٿا جيئن،

حُجّةُ الاِسلام حضرت سَيدُنا امام محمد غزالي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه نيڪي جي دعوت جا درجا بيان ڪندي فرمائن ٿا: (1) ڪنهن جاهل کي حق ڳالھ ٻڌائڻ. يعني جنهن کي شَرعي حڪم مَعلُوم نہ هجي، ان کي شَرعي حڪم ٻڌائڻ. (مثال طور وياج جي ڏيتي ليتي ڪرڻ واري کي هي ٻڌائڻ تہ اهو ڪم حرام آهي، تنهنڪري اوهان کي هن کان ضَرور بچڻ گهرجي) (2) نَرم گُفتگو جي ذَريعي وَعظ ۽ نصيحت ڪرڻ. (جيئن غيبت ڪرڻ واري کي سمجهائيندي نَرم لهجي

۾ چوڻ: پيارا پاء غيبت ڪرڻ حَرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. پوءِ اوهان ڇو غيبت جي گُناهه ۾ مبتلا ٿيو ٿا؟ براءِ ڪرم ! غيبت ڪرڻ کان بچو ۽ پنهنجو اهو ذِهن بڻايو! ته نه غيبت ڪنداسين نه غيبت ٻڌنداسين. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. (3) (نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو ٽيون دَرجو هي آهي ته خِلافِ شريعت ڪم ڪرڻ واري کي) بُرو ڀلو چوڻ ۽ چَندِ پَٽڻ. بُرو ڀلو چوڻ مان مُراد هتي فحش ڪلامي نه بلڪ (اُستاد جو پنهنجي شاگرد، والدين جو پنهنجي اَولاد ۽ پير جو پنهنجي مُريد کي) هن طرح چوڻ: ”اي جاهل! اي نادان! اي نا سمجهه! ڇا تون الله پاڪ کان نٿو ڊڄين“ يا اهڙي طرح جا ٻيا الفاظ اِستعمال ڪرڻ. (4) (عُهدي ۽ منصب جي) غلبي جي ذريعي عملاً روڪڻ مثال طور لَهو و لَعِب جو سامان ٽوڙي ڇڏڻ، شراب کي وهائي ڇڏڻ، ريشمي لباس کي ڦاڙي ڇڏڻ ۽ زبردستي ڪنهن جو حق کسڻ واري کان کسيل ڪپڙا ڦُري مالڪ کي موٽائڻ. (اهو آخري دَرجو اهلِ اِقتِدار ۽ حڪومت جي لاءِ آهي) (احياءالعلوم،۲/۱۱۲۴ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪي جي دعوت جي بيان ڪيل درجن تي هر هڪ کي عمل ڪرڻ ضروري ناهي بلڪ ان جون ڪجهه صورتون آهن. جيئن دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينه جو ڪتاب ”بهارِ شريعت“ جلد 3 صفحي نمبر 615 تي آهي: اَمْرٌبِالْمَعْرُوْفِ وَ نَهِى عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان روڪڻ) جون ڪيئي صُورتون آهن: (1) جيڪڏهن غالب گمان اهو آهي ته هي (نيڪي جي عوت ڏيڻ وارو) انهن کي چوندو ته اهي ان جي ڳالهه مڃي وٺندا ۽ بُري ڳالهه کان پاسو ڪندا ته اَمْرٌ بِالْمَعرُوف (نيڪي جي دعوت ڏيڻ) واجب آهي، ان (نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري شخص) کي چپ رهڻ جائز ناهي، خاص ڪري سيٺ، والدين، وڏا ڀاءُ ڀيڻ، دِيني منصب وارن مثال طور پير و مُرشِد، امام صاحب، استادن وغيره کي ان صورت ۾ پنهنجي ماتحتن ۽ ننڍن جي باري ۾ غور ڪرڻ لازم آهي. (2) جيڪڏهن غالب گمان اهو آهي ته هو (جن کي نيڪي جي دعوت ڏيندو ته اهي) طرح طرح جي تُهمت لڳائيندا ۽ گاريون ڏيندا ته (پوءِ نيڪي جي دعوت) ڇڏي ڏيڻ اَفضل آهي، (3) جيڪڏهن اهو

مَعلُوم آهي تہ اهي ان کي ماريندا ۽ هي صَبر نہ ڪري سگهندو يا ان جي ڪري فِتنو ۽ فَساد پيدا ٿيندو، پاڻ ۾ جهيڙو ٿيندو، تڏهن بہ چڱي ڏيڻ اَفضل آهي، (4) جيڪڏهن معلوم هجي تہ اهي (ماڻهو جن کي نيڪي جي دعوت ڏني ويندي) جيڪڏهن ان کي ماريندا تہ صَبر ڪندو تہ انهن ماڻهن کي بُري ڪم کان مَنع ڪري ۽ اهو (نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارو) شخص راهِ خدا ۾ وڙهڻ وارو آهي، (5) جيڪڏهن معلوم آهي تہ اهي نہ مڃيندا، نہ ئي ماريندا ۽ نہ وري گاريون ڏيندا، تہ ان کي اِختيار آهي ۽ اَفضَل هي آهي تہ نيڪي جي دعوت ڏي ۽ بُرائي کان مَنع ڪري.

اسان جي معاشري ۾ عام طور تي اها آخري صورت ئي اڪثر موجود هوندي آهي (يعني خبر آهي تہ اهي نہ مڃيندا نہ ماريندا ۽ نہ گاريون ڏيندا)، ان تي عمل ڪري ثواب ڪمائڻ گهرجي، وڏيڪ ان جو فائدو اهو بہ ٿيندو تہ جڏهن بُرائي جي خلاف ڳالهائڻ وارا وڌندا تہ بُرائيون ختم ٿيڻ شروع ٿي وينديون ۽ هر گهر اَمن جو گهوارو بڻجڻ شروع ٿي ويندو، هر پاسي سُنّتن جون مدني بهارون اچي وينديون، نفرتن جون دِيوارون محبتن جي فضائن ۾ تبديل ٿيڻ شروع ٿي وينديون، ڪيئي ڪيئي سالن کان جدا ٿيل خاندان پاڻ ۾ ملي ويندا، رُٺل پرچي پوندا، صحابہ ۽ اهلبيت رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ اَجْمَعِيْن جي مبارڪ دَور جي ياد تازہ ٿي ويندي.

مجھے تم ایسی دو ہمّت آقا، دُوں سب کو نیکی کی دعوت آقا
بنا دو مجھ کو بھی نیک خصلت، نبیِّ رحمت شفیعِ اُمّت

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## امڙ سائڻ جا وصف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي والدِ محترم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي سيرت جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين.اچو! هاڻي حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي امڙ سائڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جي باري ۾ بہ ڪجھ ٻڌون ٿا. ياد

رهي! حضور غوثِ پاڪ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي امڙ سائڻ اُمُّ الخير حضرت سَيدَتُنا فاطمہ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہَا (پنهنجي) وقت جي انتهائي نيڪ سيرت خاتون ۽ تقويٰ و پرهيزگاري جي پيڪر هيون. (سيرتِ غوث اعظم، ص٥١ ملخصاً) پاڻ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہَا بيٖن ڪوڙ بهترين خوبين سان بہ آراستہ هيون پر سندن ذات ۾ هڪ خاص (Special) ڳالھ اها بہ هئي تہ پاڻ تلاوتِ قرآن جون گهڻيون شوقين هيون ۽ ايتري قدر ڪثرت سان تلاوتِ قرآن ڪرڻ سندس جو معمول بڻجي چڪو هو جو محبوبِ رحماني، قنديلِ نوراني، شهبازِ لامڪاني شيخ عبدالقادر جيلاني رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ پاڻ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہَا جي شڪمِ اطهر ۾ رهي پورا ارڙهن (18) سيپارا ياد ڪري ورتا هئا، جيئن

## 18 سيپارا بڌائي ڇڏيا

شهنشاهِ بغداد، حضور غوثِ پاڪ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ پنجن سالن جي عمر ۾ پهريون ڀيرو بِسۡمِ اللہ پڙهڻ جي رَسم جي لاءِ ڪنهن بُزرگ وٽ ويناء اَعُوۡذُبِاللہ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡم ۽ بِسۡمِ اللہ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم پڙهي، پوءِ سورة فاتحہ ۽ الٓمّٓ کان وٺي 18 سيپارا بڌائي ڇڏيا. اُن بُزرگ چيو: پٽ! اڃا پڙهو. جواب ڏنائون: بس مون کي ايترو ئي ياد آهي ڇوتہ منهنجي امڙ کي بہ ايترو ئي ياد هو، جڏهن مان پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ هئس، ان وقت اهي پڙهنديون هيون، مون بڌي ياد ڪري ورتو هو. (رساله منے کی لاش ص 4ملخصا)

واہ کیا مرتبہ اے غوث ہے بالا تیرا     اُونچے اُونچوں کے سَروں سے قدم اعلیٰ تیرا
سَر بَھلا کیا کوئی جانے کہ ہے کیسا تیرا     اَولیاء ملتے ہیں آنکھیں وہ ہے تَلوا تیرا

مختصر وضاحت: اي اسان جا غوثِ پاڪ! اوهان جو مقام ۽ رتبو نهايت ئي بلند ۽ اعليٰ آهي ايستائين جو وڏن وڏن ولين سڳورن رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہِم اجمعین جي مبارڪ مَٿن کان بہ سندن جو قدم بلند آهي، سندن جي مبارڪ مَٿي جو مقام اسان ڀلا ڪيئن سمجهي سگهون ٿا حالانڪ سندن جي قدمن جو حال هي آهي جو اولياءِ ڪرام رَحمَۃُاللہِعَلَیْہِم اجمعین انهن کي چمڻ کي پنهنجي سعادت سمجهندا آهن.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي پنهنجي ٻارن جي اَمڙ ۽ پنهنجي محرمات (مثال طور ماءُ، ڀيڻ وغيره) بلڪ پنهنجي رشتيدار اسلامي ڀائرن جي باري ۾ به اهو غور ڪرڻ گهرجي ته ڇا اسان کي ۽ انهن کي ڏسي قرآنِ پاڪ پڙهڻ اچي ٿو؟ نماز ۾ ڪَئي ويندڙ تلاوت ۽ پڙهي ويندڙ تسبيحات ۽ اذڪار ڇا اسان درست طريقي سان پڙهون ٿا؟ انهن کي درست ڪرڻ جي لاءِ اسان ڪو انتظام ڪيو؟ (مثال طور مدارس المدينه، مدرسة المدينه بالغان، مدرسة المدينه بالغات يا بذريعه انٽر نيٽ Online قرآنِ ڪريم سکڻ جو اهتمام ڪيو؟) اسان ان جي لاءِ ڪهڙي ڪوشش ڪئي؟ جي ها! مشڪل کان مشڪل اينڊرائيڊ موبائل (android Mobile) ۾ خبر ناهي ڪيترين ايپلي ڪيشنز (Applications) هلائڻ ته اچن ٿيون، پر افسوس! قرآنِ ڪريم ڏسي پڙهڻ نٿو اچي، بدقسمتي سان ايترو به ناهي ايندو جنهن سان نماز ئي دُرست ٿي سگهي، ڇوته اهو سکڻ جي لاءِ نه اسان کي شوق آهي نه جذبو آهي ۽ نه ئي وقت ڪڍڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا، غور ڪريو! ڪٿي! سوشل ميڊيا (Social Media) ۽ اِنٽرنيٽ جو غلط اِستعمال اسان جي قِيمتي وقت کي تباهي ڏانهن ته نه پيو ڌڪي. الله پاڪ اسان کي وقت جي قدر ڪندي تعليمِ قرآن حاصل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "مدني اِنعامات"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت مان جهڙي طرح اسان جي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي امڙ سائڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جي تلاوت جي شوق جو پتو پيو، اتي هي به معلوم ٿيو ته حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پيدائشي ولي آهن، سندن ڪرامتن جو ظهور پاڻ جي پيدا ٿيندي ئي شروع ٿي ويو هو ۽ امڙ سائڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جي مبارڪ پيٽ مان ئي اَرڙهن (18) سيپارا ياد ڪري دنيا ۾ تشريف ڪٺي آيا هئا. لهٰذا اسان کي گهرجي ته اسان به ڪجهه نه ڪجهه وقت ڪڍي تلاوتِ قرآنِ ڪريم جي سعادت ماڻيون، جيڪڏهن سکي ورتو آهي ته ٻين کي سيکاريون، وڏي عمر جا (بالغ) اسلامي ڀائر **مدرسة المدينه بالغان** ۾ پڙهن يا پڙهائن ۽ وڏي عمر جون (بالغه) اسلامي ڀينرون **مدرسة المدينه بالغات** ۾

پڙهن يا پڙهائن، پنهنجي مدني مُنّن ۽ مدني مُنّين کي مدارس المدينہ ۾ داخل ڪرائن. ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ ڪجھ نہ ڪجھ وقت ڏئي پنهنجي قبر ۽ آخرت کي بهتر کان بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪن. ياد رهي! ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”مَدَني اِنعَامات“ جي مُطابِق روزانو فِڪرِ مدينہ ڪندي هر مَدَني مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي ذِميدار کي مَدَني انعامات جو رِسالو جمع ڪرائڻ بہ آهي. ❖ مَدَني اِنعامات، عمل جو جذبو وڌائڻ ۽ گناهن کان جان ڇڏائڻ جو بهترين نُسخو آهي، ❖ مدني اِنعامات تي عمل جي بَرڪت سان تلاوتِ قرآنِ پاڪ ڪرڻ بڻڻ جو ذوق ۽ شوق بيدار ٿيندو آهي. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌو، جيئن

## مدني انعامات جي رسالي جي بَرڪت

بابُ المدينہ ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ کي ان جي علائقي جي مسجد جي امام صاحب جيڪو دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ هو، ان اِنفرادي ڪوشش ڪندي ان جي وڏي ڀاء کي مدني اِنعامات جو هڪ رِسالو تحفي ۾ ڏنو، هو گهر کڻي آيو ۽ پڙهائين تہ حيران ٿي ويو تہ هن مختصر رسالي ۾ هڪ مسلمان کي اِسلامي زندگي گذارڻ جو ايترو زبردست طريقو ڏنو ويو آهي. مدني انعامات جو رِسالو ملڻ جي بَرڪت سان اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! اُن کي نماز جو جذبو مليو ۽ نمازِ باجماعت جي ادائيگي جي لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿي ويو ۽ هاڻي پنج وقت جو نمازي بڻجي چڪو آهي، ڏاڙهي مُبارَڪ بہ سجائي ورتي ۽ مَدَني انعامات جو رِسالو بہ ڀريندا آهن.

جو اپناتے ہیں ”مَدَنی اِنعام“ اکثر انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم

(وسائل بخشش مرمم،ص۵۵۱)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح اسان جي غوثِ پاڪ جا نانا جان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه

ولايت جي بلند منصب تي فائز هئا، جهڙي طرح اسان جي غوثِ پاڪ جا والدِ محترم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه آسمانِ ولايت جا روشن تارا هئا، جهڙي طرح اسان جي غوث پاڪ جي امڙ سائڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا اللّٰه پاڪ جي مقبول وليہ هيون، اهڙي طرح اسان جي غوثِ پاڪ جي پڦي سائڻ (Father's sister) کي بہ الله ڪريم ولايت جو مرتبو عطا فرمايو هو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا هڪ باڪرامت وليہ هيون ۽ سندن جو مقام ۽ مرتبو اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ ايترو قدر بلند ۽ اعلٰي هو جو ماڻهو برسات جي لاءِ دعائون ڪرائڻ سندن جي پاڪ بارگاهہ ۾ حاضري ڏيندا هئا ۽ اللّٰه پاڪ جي رحمت جو نظارو ڪندا هئا.

اچو! حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي پڦي سائڻ جي هڪ ايمان افروز ڪرامت ملاحظ ڪريو،

## غوثِ پاڪ جي پُڦي سائڻ

هڪ دفعي جيلان ۾ بارشون نہ ٿيڻ جي سبب ڏڪار ٿي پيو، ماڻهن نمازِ اِستِسقاء (يعني بارش جي لاءِ پڙهي ويندڙ نماز) ادا ڪئي، پر برسات نہ ٿي تہ ماڻهو حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي پُڦي جان حضرت سَيدَه اُم عائشہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جي گهر آيا ۽ ان سان برسات جي لاءِ دعا جي درخواست ڪئي، هو پنهنجي گهر جي صحن ڏانهن آيون ۽ زمين تي ٻهارو ڏئي دعا گهري: اي رَبّ ڪريم! مون ٻهارو ڏئي ڇڏيو آهي ۽ هاڻي تون ڇڙڪاءُ فرماء ( يعني بارش سان سيراب ڪر). ڪجھ ئي دير ۾ آسمان تان ايتري برسات ٿي. ماڻهو پنهنجي گهرن ڏانهن اهڙي حال ۾ موٽيا جو سيئي پاڻي سان پُسيل هئا ۽ جيلان شهر خوشحال ٿي ويو. (بهجةالاسرار،ذکرنسبه وصفته، ص١٧٣ملخصاً)

بخش دے میری ساری خطائیں کھول دے مجھ پر اپنی عطائیں
برسا دے رَحمت کی برکھا یااللہ میری جھولی بھر دے

(وسائل بخشش مرمم،ص١٢٣)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خاندانِ غوثِ اعظم جو اهو شان آهي تہ سندن نانا

جان جي خاندان، والدينِ مصطفيٰ، اهلِ بيتِ اطهار رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُم ۽ اُمَّهاتُ المومنين رَضِیَ اللہُ عَنۡھُنَّ اَجۡمَعِین جو ڪهڙو نہ شان ۽ اعلي رتبو هوندو ۽ جن پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي صحبت ماڻي، انهن چمڪندڙ تارن جو ڪهڙو نہ مقام هوندو؟

| | | | |
|---|---|---|---|
| هر صحابيِ نبي | جنّتي جنّتي | چارِ يارِ نبي | جنّتي جنّتي |
| صِدِّيق و عمر | جنّتي جنّتي | عثمانِ غني | جنّتي جنّتي |
| فاطمه ۽ علي | جنّتي جنّتي | معاويه ۽ علي | جنّتي جنّتي |
| حسن ۽ حسين به | جنّتي جنّتي | | |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اولياءِ ڪرام جي صحبت جون برڪتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اولياءِ ڪرام جي صحبت بگڙيلن کي سنواريندي آهي، اولياءِ ڪرام جي صحبت شيطان کان بچڻ جو ڪامياب ترين هٿيار آهي، اولياءِ ڪرام جي صحبت شيطان جي وارن کي سڃاڻڻ جو زبردست ذريعو آهي، اولياءِ ڪرام جي صحبت ربّ ڪريم جي سڃاڻپ جو ذريعو آهي، اولياءِ ڪرام جي صحبت نيڪين جو حريص ۽ گناهن کان نفرت ڪرڻ وارو بڻائيندي آهي، اولياءِ ڪرام جي صحبت دنيا ۽ آخرت جون ڀلائيون ماڻڻ جو نسخو آهي، اولياءِ ڪرام جي صحبت ولايت جي منزل تائين پهچائيندي آهي. مطلب تہ اولياءِ ڪرام جي صحبت ۾ رهڻ وارو انسان انهن جي فيوض و برڪات سان خوب مالا مال ٿيندو آهي ۽ رضاءِ الٰهي ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اسان جا غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ بہ الله ڪريم جا مقبول ولي بلڪ ولين جا سردار آهن، الله پاڪ پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ کي اها طاقت ۽ قوت بخشي آهي جو پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ شيطان جي خفيہ وارن کي نہ صرف چڱي طرح سڃاڻن ٿا بلڪ الله پاڪ جي عطا سان انهن کي ناڪام بڻائڻ جو اختيار بہ رکن ٿا.

اچو! ٻڌون ٿا تہ غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي صحبت مان فيضياب ٿيڻ جي برڪت سان سندن جي گهرواري شيطان جي وار کان ڪيئن محفوظ رهيون، جيئن

## شيطان جي خفيہ وار کي ناڪام بڻائي ڇڏيو

حضورغوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي شهزادي سَيد شيخ عبدالجبار رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي امڙ سائڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جي باري ۾ فرمائن ٿا: جڏهن بہ والده محترمہ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْهَا ڪنهن اونداهي واري گهر ۾ تشريف کڻي ويندي هيون تہ اها جڳهہ چراغ جيان روشن (bright) ٿي ويندي هئي. هڪ موقعي تي منهنجا والد سڳورا سيدنا غوثِ اعظم رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه بہ اتي تشريف کڻي ويا، جيئن ئي انهن جي نگاهہ ان روشني تي پئي تہ اها روشني غائب ٿي وئي، پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه ارشاد فرمايائون: اهو چراغ حقيقت ۾ شيطان هو، جيڪو توهان جي خدمت ڪندو هو ۽ توهان کي گمراہ ڪرڻ لاءِ ايندو هو، ان ڪري مون ان کي ختم ڪري ڇڏيو هاڻي مان تنهنجي ان روشني کي رحماني نور ۾ تبديل ڪيان ٿو، پوءِ ان کان بعد جڏهن بہ امڙ سائڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْهَا ڪنهن اونداهي واري گهر ۾ تشريف کڻي ويندي هيون تہ اتي اهڙي روشني ٿيندي هئي جيئن چنڊ جي چانڊوڪي هوندي آهي. (بهجة الاسرار،ص۱۹۶)

مری ڈوبتی ناؤ کو دو سہارا ذرا جلد آؤ اِدھر غوثِ اعظم
یہاں بھی سہارا وہاں بھی سہارا اِدھر غوثِ اعظم اُدھر غوثِ اعظم
میں بغداد کا کوئی سگ ہوتا اور کاش! مجھے رکھتے تم باندھ کر غوثِ اعظم

(وسائل بخشش مرمم،ص۵۵۸)

سُبْحٰنَ الله! ڏٺو! اوهان تہ پيرن جي پير، روشن ضمير، قُطبِ رَبّاني، محبوبِ سُبحاني، پيرِ لاثاني، غوثِ صمداني، پيرِ پيران، ميرِ ميران، شيخ سيدابو محمّد عبدُ القادِر جِيلاني رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪيتري شان ۽ شوڪت وارا آهن جو پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي وجودِ مسعود جي برڪت سان شيطان ڀڄي ويو ۽ پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي زوجَہ محترمہ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْهَا ان مردود جي خفيہ وار کان محفوظ ٿي ويون.

معلوم ٿيو! شيطان وڏو مڪار آهي، اهو طرح طرح جا جادُوءَ وارا ڪرتب (Magical trick) بہ ڏيکاري ٿو، ان جي وار کان هميشہ خبردار رهڻ گهرجي،

پنهنجي عقل ۽ هوشياري تي اعتماد ڪرڻ بدران الله پاڪ جي فضل وڪرم تي نظر رکڻ گهرجي. ياد رهي! جنهن وٽ مال هوندو آهي ان وٽ چور ايندو آهي، جنهن وٽ ايمان جي دولت آهي ان وٽ ايمان جو ڦورو شيطان ضرور ايندو آهي، جنهن جو ايمان جيترو مضبوط هوندو آهي، ان وٽ ايتري قدر نيڪين جي خزاني جي به ڪثرت هوندي آهي، تنهنڪري اتي شيطان تمام گهڻو زور لڳائيندو آهي. اسان جي پيرومرشِد حُضُورِغوثِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي زوجه محترمه رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهَا وٽ ايمان ۽ عملن جي خزانن جا انبار ڏسي شيطان ڏاڍو هٿڻ ۽ سندن کي گمراه ڪرڻ جي خطرناڪ ڪوشش ڪئي پر الله پاڪ جي فضل و ڪرم ۽ ولين جي سردار، حضورغوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي برڪت سان اهو مردود ناڪام ۽ نامُراد ٿي ويو.

دمِ نزع شيطاں نہ ايمان لے لے حفاظت کی فرما دعا غوثِ اعظم

(وسائل بخشش مرمم،ص۵۵۳)

## مجلس مدرسة المدينہ آن لائن

اي عاشقانِ غوثُ الاعظم! اچو! ايمان ۽ عملن جي حفاظت جي لاءِ غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي دامنِ ڪرم سان وابسته ٿي وڃو، اچو! شيطاني چالن کان بچڻ جي لاءِ غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي غلامي جو پٽو پنهنجي ڳلي ۾ وجهي ڇڏيو، اچو! غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي دامنِ ڪرم سان وابسته ٿي وڃو ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي ذريعي قادري عطاري سلسلي ۾ مريد ٿي فيضانِ غوثِ پاڪ سان مالا مال ٿي وڃو.

## اميرِاهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه سان مَحَبَّت جون ڪجھ جهلڪيون

اَلۡحَمۡدُ لِله عَزَّوَجَلَّ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه کي پنهنجي پيرو مرشِد حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه سان بيحد محبت آهي. اچو! غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه سان سندن محبت جون ڪجھ ايمان افروز جهلڪيون ملاحظ ڪريو:

(1) اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو تحرير ڪيل نعتيہ ديوان "وسائلِ بخشش" اميراهلسنت جي حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه سان محبت جو واضح دليل آهي جنهن ۾ پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي شانِ اقدس ۾ بہ ڪيئي ڪلام ۽ غوثيہ نعرا بہ تحرير ڪيا آهن. (2) اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي سُنّتن پري بيانن ۽ مدني مذاڪرن جي دوران وقت بوقت حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جو شان بيان فرمائيندا آهن، حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي منقبت جا شعر پڙهندا ۽ گڏوگڏ غوثيہ نعرا بہ لڳائندا آهن. (3) اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه حُضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي سيرت ۽ ڪرامت بابت مختلف رسالا بہ تحرير ڪيا آهن. (4) اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه سالن کان ربيعُ الآخر جي مبارڪ مهيني ۾ حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جو عُرسِ مبارڪ وڏي شان ۽ شوڪت سان ملهائيندا پيا اچن (5) اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه هر سال ربيع الآخر جي مقدس مهيني ۾ جلوس غوثيہ جي ترڪيب فرمائيندا ۽ غوثيہ جهنڊو بہ لهرائيندا آهن.(6) اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي خاندان، آل ۽ اولاد، سندن جي مزارِ پُراَنوار،گنبد ومينار، سندن جي شهر مطلب تہ سندن رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه سان تعلق ۽ نسبت رکڻ واري هر هر شيء کان بي انتها محبت ڪندا آهن.(7) اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي سيرت جا مظهر آهن. (8) اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه صرف قادري سلسلي ۾ ئي مريد ڪندا آهن.(9) اميراهلسنت پنهنجي هر بيان ۽ مدني مذاڪري ۾ عاشقانِ رسول کي حضور غوث ِپاڪرَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو مريد ۽ طالب ڪرائي انهن کي بہ غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جو غلام بڻائيندا آهن. (10) اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي شان تي ٿيندڙ اعتراضن جا جواب ارشاد فرمائندا آهن.(11) اميراهلسنت ربيع الآخر جي مبارڪ مهيني ۾ حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي يارهين شريف جي رات ۾ عاشقانِ رسول کي نسخهء بغدادي استعمال ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندا آهن. (12) اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي ترغيب تي

عاشقانِ رسول جي لاءِ وڏي يارهين شريف جي رات ۾ **لنگرِ غوثيہ** جو بہ اهتمام ڪيو ويندو آهي. الله ڪريم شال اسان سيني کي امير اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة **جي ۽ سندن** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة **جي صدقي** ۾ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **جي** سچي پڪي غلامي نصيب فرمائي ۽ اسان جو خاتمو ايمان تي فرمائي. آمين

## مُريد ٿيڻ جا فائدا

ياد رهي! **ڪنهن پيرِ ڪامل جو** مُريد ٿيڻ جون تمام گهڻيون برڪتون ۽ فائدا آهن، مثال طور ان جي برڪت سان ايمان جي **حفاظت** نصيب ٿيندي آهي، ❖ **نماز روزي** جي پابندي نصيب ٿيندي آهي، ❖ **فرض علم** سکڻ جي مدني سوچ ملندي آهي، ❖ **حلال، حرام** جي سڃاڻپ نصيب ٿيندي آهي. ❖ **اِحترامِ مسلم** ۽ **ايماني جذبو** نصيب ٿيندو آهي، ❖ شيطان کان حفاظت ٿيندي آهي، ❖ دل ۾ عبادت جو شوق ۽ تِلاوتِ قرآن جو ذوق ملندو آهي. ❖ بُري صحبت کان بچڻ جو ذهن بڻجندو آهي، ❖ دِين جي معلومات حاصل ٿيندي آهي، ❖ گناهن کان توبہ نصيب ٿيندي آهي، ❖ دِيني ۽ دنياوي پريشانيون ختم ٿينديون آهن، ❖ انسان جو ڪردار سنو ٿيندو آهي.

مطلب تہ مريد ٿيڻ جي برڪت سان انسان دنيا ۽ آخرت ۾ سعادتمند ٿي ويندو آهي .

اچو! فيضانِ غوث و رضا سان مالا مال عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو ۽ هر پاسي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائي ڇڏيو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوت اسلامي** سڄي دنيا ۾ ڪم وبيش 105 شعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، انهن مان هڪ شعبو **"مجلِس مدرسة المدينہ آن لائن"** بہ آهي. شَوَّالُ الْمُكَرَّم 1432ھ بمطابق سيپٽمبر 2011 ۾ مجلس مدرسةُ المدينہ آن لائن جو قيام عمل ۾ آندو ويو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **"مجلِس**

مدرسة المدينہ آن لائن“ جي ذريعي ڪم وبيش 65 ملڪن جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون نہ صرف دُرُست مَخارج سان قرآنِ پاڪ جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. بلڪ بنيادي اسلامي تعليمات مثال طور وُضو، غُسل، تَيمُّم، اَذان، نماز، زڪوٰة، روزو ۽ حج وغيره جا مسئلا بہ سکي رهيا آهن. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ (www.dawateislami.net) تي هن شعبي جي تفصيلي معلومات ۽ داخِلہ فارم بہ موجود آهي، تنهنڪري مدرسةُ المدينہ آن لائن ۾ داخلي جا خواهشمند اسلامي ڀائر دعوتِ اسلامي جي هن ويب سائٽ جو (Visit) ڪن. (دورِ حاضر جي ضرورت جون تقاضائون هن شعبي جي ذريعي پورو ڪرڻ جي ڪوشش آهي، تنهنڪري هن شعبي جي فيس به آهي۔)۔

ہلا سلسلہ قادری فضلِ ربّ سے میں ہوں کس قدر بَختْوَر غوثِ اعظم

(وسائلِ بخشش مُرمَّم،ص۵۵۷)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سُنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں نیک ہوجائیں مسلمان مدینے والے

## ”گهر ۾ اچڻ وڃڻ جون “سنتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! شيخِ طريقت،اميرِاهلسنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101 مدني گل“ مان ” گهر ۾ اچڻ وڃڻ جون سنتون ۽ آداب“ ٻڌون ٿا: ❖ جڏهن گهران ٻاهر نڪرو تہ هي دعا پڙهو: ”بِسْمِ اللهِ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللهِ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا

---

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵

بِاللّٰهِ“ ترجمو: الله جي نالي سان، مون الله ڪريم تي ڀروسو ڪيو. الله ڪان سواءِ نہ (گناهن ڪان بچڻ جي) قوت آهي ۽ نہ (نيڪيون ڪرڻ جي) طاقت آهي. (ابو داود،۴/۴۲۰،حديث:۵۰۹۵) ان شآءَالله! انهيءَ دعا ڪي پڙهڻ جي برڪت سان سڌي واٽ تي رهندؤ مصيبتن ڪان حفاظت ٿيندي ۽ الله ڪريم جي مدد شاملِ حال رهندي ❖ گهر ۾ داخل ٿيڻ جي دعا: اَللّٰهُمَّ اِنِّیْٓ اَسْئَلُکَ خَیْرَ الْمَوْلَجِ وَخَیْرَ الْمَخْرَجِ بِسْمِ اللهِ وَلَجْنَا وَبِسْمِ اللهِ خَرَجْنَا وَعَلَى اللهِ رَبِّنَا تَوَكَّلْنَا۔ ترجمو: اي الله! آئون تو ڪان داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ جي ڀلائي گهران ٿو، الله پاڪ جي نالي سان اسان (گهر ۾) داخل ٿياسين ۽ انهيءَ جي نالي سان ٻاهر آياسين ۽ پنهنجي رب ڪريم تي اسان ڀروسو ڪيوسين) (ابوداود،۴/۴۲۰،حديث:۵۰۹۶) دعا پڙهڻ ڪانپوءِ گهر وارن ڪي سلام ڪري پوءِ بارگاهِ رسالت ۾ سلام عرض ڪري ان ڪان پوءِ ”سوره اِخلاص“ شريف پڙهي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ روزي ۾ برڪت، ۽ گهريلو جهيڙن ڪان بچاءُ ٿيندو. ❖ جيڪڏهن اهڙي گهر (توڙي جو پنهنجي خالي گهر) ۾ وڃڻ ٿئي جنهن ۾ ڪو بہ نہ هجي تہ هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللهِ الصّٰلِحِيْن (يعني اسان تي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي سلام) ملائڪ انهيءَ سلام جو جواب ڏيندا. (ردالمحتار ج 9 ص 682) يا هن ريت چوي: اَلسَّلَامُ عَلَيْکَ اَيُّهَاالنَّبِيُّ (يعني يا نبي توهان تي سلام) ڇوتہ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو روح مبارڪ مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف فرما هوندو آهي. (بهارِشريعت،حصّه۱۶ ص۹۶،شرح الشفاء للقاري،۲/۱۱۸) ❖ جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ چاهيو تہ هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُم ڇا مان اندر اچي سگهان ٿو؟ ❖ جيڪڏهن داخل ٿيڻ جي اجازت نہ ملي تہ خوشي سان موٽي وڃو، ٿي سگهي ٿو ڪنهن مجبوري جي ڪري گهر جي مالڪ اجازت نہ ڏني هجي ❖ جڏهن ڪو توهان جي گهر جو دروازو کڙڪائي تہ سنت هيءَ آهي تہ پڇو: ڪير آهي؟ ٻاهران واري کي گهرجي تہ پنهنجو نالو ٻڌائي: مثال طور چوي: ”محمد الياس“ نالو ٻڌائڻ جي بدران انهيءَ موقعي تي ”مدينہ!“ ”آئون آهيان!“ ”دروازو کوليو“ وغيره چوڻ سنّت ناهي ❖ جواب ۾ نالو ٻڌائڻ ڪان پوءِ دروازي ڪان هٽي بيهو تہ جيئن دروازو کلندي ئي گهر ۾ نظر نہ پوي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتيں اور آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!آئنده هفتيوار اِجتماع جو موضوع به نهايت اهم آهي ۽ اهو آهي ” **اولياءِ ڪرام** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم اَجْمَعِين **جا پاڪيزه وصف**“. جنهن ۾ اسان حُضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ۽ ٻين نيڪ ٻانهن جو ذڪرِ خير ٻڌنداسين. مثال طور اسان جا غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪيترا عبادت گذار هئا، ان بابت ڪجھ واقعا ٻڌڻ سان گڏوگڏ ٻين اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم اَجْمَعِين جي عبادت ۽ رياضت بابت به ٻڌنداسين. ضمناً عبادتِ الٰهي جي اهميت ۽ ان جي فائدن بابت ڪجھ مدني گل به بيان ٿيندا. غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ۽ ٻين اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم اَجْمَعِين ۾ موجود هڪ زبردست وصف ”**خوفِ خدا**“ بابت ڪجھ واقعا بيان ڪيا ويندا ۽ گڏوگڏ خوفِ خدا جي اهميت (Importance) ۽ ان جا فائدا به ذڪر ڪيا ويندا . ان ڪان پوءِ علمِ دين جي اهميت ۽ بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم اَجْمَعِين جي علمِ دين سکڻ جا ڪجھ واقعا به پيش ڪيا ويندا. لهٰذا! آئنده **جمعرات** به اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين جو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

## (4) ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[1]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰی لَہٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي.[3]

---

[1] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2] …القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1 ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305